SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1984

# سنڌ ڪورٽ آف وارڊس (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH COURT OF WARDS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1905 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعه 31 جي ترميم

Amendment of section 31 of Sindh Act I of 1905

3. 1905 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعه 44 جي ترميم

Amendment of section 44 of Sindh Act I of 1905

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1984

# سنڌ ڪورٽ آف وارڊس (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH COURT OF WARDS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[27 آگسٽ 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڪورٽ آف وارڊس ايڪٽ، 1905 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته شرعي عدالت سنڌ ڪورٽ آف وارڊس ايڪٽ، 1905 ۾ ڪجهه ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ ڪورٽ آف وارڊس ايڪٽ، 1905 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪورٽ آف وارڊس (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1905 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعه

2. سنڌ ڪورٽ آف وارڊس ايڪٽ، 1905 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ حوالو ڏنل ايڪٽ سڏيو ويندو ان جي دفعه 31 کي ان دفعه جي ذيلي دفعه (1) جو نمبر ڏنو ويندو ۽ ايئن نمبر ڏنل

31 جي ترميم

Amendment of section 31 of Sindh Act I of 1905

ذيلي دفعہ (1) ۾ شرطيہ بيان کانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

(2) جتي ڪو اهڙو ڪيس داخل ڪيو وڃي ٿو جنهن ۾ ڪو نوٽيس ٻن مهينن جي گهربل مدت جي پڄاڻيءَ گذرڻ بعد نٿو ڏنو وڃي يا ڪيو وڃي، يا جتي ڪا درخواست ڪنهن بيان تي ٻڌل ڪانهي تہ اهڙو نوٽيس ڏنو يا ڪيو ويو آهي، تہ مدعي ڪنهن بہ خرچ جو حقدار نہ هوندو. جيڪو ڪيس جي اڪلاءَ تي ٿيو هجي يا ڪورٽ آف واردس اهو محسوس ڪري تہ مدعي ڪيس داخل ڪرڻ کانپوءِ ٻن مهينن جي مدت ۾ اهڙي دعوي داخل نہ ڪئي آهي:

بشرطيڪ ڪيس اهڙي نوٽيس کانسواءِ داخل ڪيو ويو آهي، سول ڪورٽ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

1905 جي سنڌ ايڪٽ I جي دفعہ 44 جي ترميم

Amendment of section 44 of Sindh Act I of 1905

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 44 ۾، آخر ۾ اينڊڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ جيستائين متاثر ٿيندڙ ماڻهو کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نٿو ڪيو وڃي، تيستائين ڪو بہ حڪم يا ڪا بہ ڪارروائي، نظرثاني، تبديل ڪري يا واپس وٺي نٿي سگهجي."

# درستگي

پڙهيو وڃي: بشرطيڪ نوٽيس ڏيڻ کانسواءِ ڪنهن ڪيس ۾ سول ڪورٽ، ڪورٽ آف واردس کي تحريري بيان جمع ڪرائڻ لاءِ اجازت ڏيندي جيڪا ٽن مهينن جي مدي کان گهٽ نہ هوندي".

سواءِ ان جي اهو تہ اهڙي نوٽيس ڪانسواءِ داخل ڪيل ڪنهن ڪيس ۾ سول ڪورٽ ڪي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان وڌايو ويندو. سنڌ گورنمينٽ ايڪسٽرا آرڊنري گزيٽ پارٽ- I سنڌ آرڊيننس نمبر S.Legis 1(6)84 تاريخ 27 آگسٽ، 1984 تي صفحي نمبر 948 ۾ شايع ٿيو. جيڪو لا ڊپارٽمينٽ طرفان جاري ڪيو ويو.

**نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**